# سامهاڙو، منهن کر، مهاڙو

# Foot And Mouth Disease

TAKE MORE MILK, MEAT AND IMPROVE YOUR HEALTH

DEPARTMENT OF LIVESTOCK/ANIMAL HUSBANDRY

MIRPURKHAS

پاران ڊسٽرڪٽ آفيسر
لائيو اسٽاڪ اينيمل هسبينڊري ميرپورخاص
ضلعي حڪومت ميرپورخاص
0233-9290269-9290189

# سامهاڙو/منهن کر، مهاڙو

## Foot And Mouth Disease

وبائي مرض کي ختم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو عمل آهي. اهوئي سبب آهي جو بيماري ڪنهن به ملڪ جي جانورن لاءِ گهڻي نقصان جو ڪارڻ بڻجي ٿي، جنهن سان نه صرف عام ماڻهون پر ملڪ جي معاشي حالتن تي به خراب اثر پون ٿا. سامهاڙو (F.M.D) به جانورن ۾ ڦهلجندڙ بيمارين مان هڪ آهي، ان بيماري کي اڪثر ڪري منهن ۽ کر جي بيماري سڏيو ويچي ٿو. هن جو حملو شديد ٿئي ٿو. ۽ مرض پنهنجي پويان اهڙا اثر ڇڏيو وڃي ٿو، جيڪي خطرناڪ حد تائين معاشي نقصان جو سبب بڻجن ٿا. هن مرض جو حملو سڀ کان پهريائين يورپ ۾ 1544ع ۾ ٿيو هو. جيڪو ناقابل تلافي حد تائين نقصان جو سبب بڻيو هو.

### متاثر ٿيل جانور:

هي مرض گهڻو ڪري ڳئون، ٻڪري، رڍ ۽ سوئر ۾ ملي ٿو. ڪنهن حد تائين مينهن کي به متاثر ڪري ٿو. پر ڳئون سڀ کان وڌيڪ هن مرض ۾ مبتلا ٿئي ٿي. ننڍي عمر وارا جانور هن ۾ جلد ئي مبتلا ٿي ويندا آهن. اٺ، ڪتو ۽ ٻلي به هن مرض سان متاثر ٿي سگهن ٿا. انهن مان ان جا امڪان ڪافي حد تائين گهٽ آهن.

### مرض جو سبب:

هي مخصوص قسم جا زهريلا جراثيم (ننڍڙا) وائرس هن مرض جو سبب بڻجن ٿا. اهي وائرس جانورن جي خوراڪ يا پاڻي جي ذريعي جسم ۾ داخل ٿي بيماري پيدا ڪن ٿا. هن بيماري جا ست قسم آهن. پهريان ٽي قسم A.O ۽ C دنيا جي تقريباً هر ملڪ ۾ ملن ٿا. جڏهن ته Asia-1 ۽ Sat-1، Sat-2، Sat-3 براعظم آفريڪا ۾ به ملن ٿا. انهن قسمن کان سواءِ به ٻيا قسم آهن. هن وائرس کي سڀ کان پهريائين 1897ع ۽ 1900ع ۾ ٻن سائنسدانن لوفلر ۽ فروش ڳولهيو هئو. جانورن جي جسم ۾ هن جو لڪل مدو تقريباً 2 کان 8 ڏينهن ٿئي ٿو.

### نشانيون:

سامهاڙي ۾ مرض جون نشانيون ٻن ڏينهن يا ڪنهن وقت ڪافي ڏينهن کان پوءِ ظاهر ٿين ٿيون. شروع ۾ جسماني گرمي جو درجو معمولي وڌي ٿو. بڪ ۾ گهٽتائي ۽ اڃ ۾ اضافو ٿي وڃي ٿو. هاضمي جو عمل خراب ٿي وڃي ٿو. جنهن کان پوءِ وات جي اندرئين جهلي زبان، چپ ۽ ڄاڙين ۾ دائا ظاهر ٿين ٿا. جيڪي وڌي ڳلي ڦاٽين پيهجي وڃن ٿا. ان سان گڏ بخار ۾ تيزي اچي ويندي آهي. انهن دائن ۾ سياهه مادو ۽ ڪنو گند ڀريل هوندو آهي. جيڪي 48 ڪلاڪن جي اندر ڦاٽي پوندا آهن. ۽ زخم پيدا ٿي پون ٿا. جنهن ۾ جانورن کي

ڪن ٿا. سامهارُو گهڻو ڪري وچين ۽ ڪجهہ گرم موسم ۾ پکڙجي ٿو. گهڻي گرمي يا گهڻي ٿڌ ۾ هي مرض نہ ٿو لڳي يا شايد اتفاقن ٿي سگهي ٿو. جاڪاڻ تہ هن مرض جي وائرس جا ڪيترائي قسم آهن. تنهنڪري هي هڪ ئي جانور ۾ ڪيترائي ڀيرا ٿي سگهي ٿو. هر ڀيري وائرس جا مختلف قسم هن جو سبب بڻجن ٿا.

**بيماري جو مدو:**

هن مرض جو حملو ۽ هن جي شدت، جانورن جي قوت مدافعت ۽ هن جي سار سنڀال جي دارو مدار تي آهي. اڪثر ڪري 2 کان 3 هفتا رهي ٿو. ليڪن حالتن جي مطابق حملو وڌي بہ سگهي ٿو. جڏهن تہ ننڍا زخم گهڻو ڪري هڪ هفتي اندر ڀرجي ويندا آهن.

**معاشي اثر:**

هي هڪ موذي مرض آهي ۽ تمام گهڻي تيزي سان پکڙجي ٿو. تنهن ڪري جانورن جي پيداواري صلاحيت کي متاثر ڪري ٿو. کير جي پيداوار گهٽ ٿي ويندي آهي. جانور کائڻ پيئڻ ڇڏيو ڏئي، هن جي جسماني قوت ڪمزور ٿي ويندي آهي ۽ هو سُست ٿي ويندو آهي واڌ جو عمل سُست ٿي ويندو آهي. جنهن سان گوشت ۽ کير جي پيداوار گهٽجي ويندي آهي. دنيا جا ڪيترائي ملڪ هن مرض جي اثر ۾ اچي گهڻو نقصان کڻي چڪا آهن. هڪ اندازي جي مطابق يورپ

1750ع ۾ 1950-60 ، فرانس 30.000 ع ۾ 1951-52، ڪمبوڊيا 1980 ع ۾ 4500، بنگلاديش 1996 ع ۾ 6250 ۽ برطانيه کي 1968 ع ۾ 2500 ڊالرن جو نقصان ٿيو هو. برطانيه 2001 ۾ هڪ دفعو وري هن بيماريءَ جي اثر هيٺ اچي چڪو آهي. جتي لکين جانور هن مرض کان متاثر ٿي چڪا آهن. پاڪستان ۾ ڪافي هنڌن تان هن مرض جا اطلاع ملن ٿا. چاڪاڻ ته هي موذي مرض آهي. تنهنڪري تيزي سان ٻين جانورن جي جسم ۾ پکڙجي وڃي ٿو. جنهن ڪري جانورن جي صحت ۽ ان جي پيداواري صلاحيت ڏاڍي متاثر ٿي سگهي ٿي ۽ ملڪ جي معشيت تي به خراب اثر پئجي سگهن ٿا. هن مرض ۾ جانورن جي موت جي حد گهٽ ڪري گهٽ آهي. وڏن جانورن ۾ ته نه هئڻ جي برابر آهي. ننڍي عمر جي جانورن ۾ 5 سيڪڙو جڏهن ته رڍن ۾ 10 کان 15 سيڪڙو ٿئي ٿو. جيڪڏهن مناسب سار سنڀال نه ڪئي وئي ته موت جي حد خطرناڪ حد تائين وڌي سگهي ٿي. بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ جي حد (Mortality rate) 90-99 سيڪڙو تائين آهي. جنهن سان نه صرف بيماري جي وچ ۾ بلڪه صحت مند ٿيڻ کان پوءِ به جانور پنهنجي اصل پيداواري صلاحيت تائين پهچڻ ۾ وقت وٺندو آهي. تنهنڪري هي بيماري مالي نقصان جو سبب بنجي ٿي.

**احتياطي اُپاءَ:**

هن مرض کان بچاءَ لاءِ ضروري آهي تہ هر 6 مهين کانپوءِ بچاءَ جا ٽڪا لڳائڻ گهرجن. جنهن سان جانورن جي جسم ۾ بيماري جي خلاف قوت مدافعت پيدا ٿيندي آهي. يا جيڪڏهن بيماري واڙي ۾ موجود ڪنهن بہ هڪ جانور تي حملو ڪري تہ ان کي يڪدم ٻين جانورن کان جدا ڪري واڙي کي جراثيم ڪش دوا سان ڌوئڻ گهرجي. واڙي ۾ متاثر ٿيل جانورن کي الڳ ڪرڻ گهڻو بهتر آهي.

**علاج:**

هن مرض جو باقاعدي ڪو بہ علاج نہ آهي مرض جو وائرس پنهنجو مدو پورو ڪرڻ کانپوءِ خود بخود ختم ٿي ويجي ٿو. پر مرض کي وڌڻ کانپوءِ روڪڻ لاءِ ڪجهہ احتياط ۽ دوائون تجويز ڪري سگهجن ٿيون. جنهن جي ذريعي نقصان گهٽائي سگهجي ٿو. هن بيماري دوران صرف دوائون وڌيڪ ڪارآمد ثابت ٿين ٿيون. ڪمزوري جي صورت ۾ گلوڪوز جي انجيڪشن ڏيئي سگهجي ٿي. متاثر جانور کي فوري طور تي صحتمند جانورن کان الڳ ڪرڻ کانپوءِ نرم ۽ خشڪ جاءِ تي ٻڌڻ گهرجي ۽ گرم ريتي تي هلائڻ فائدي مند آهي. جانور جي وات کي اندران ۽ ٻاهران جراثيم ڪش دوا سان ڌوئڻ گهرجي. پاڻي ۾ جراثيم ڪش دوا ملائي جانور کي ان ۾ ڪجهہ دير بيهارڻ ٻڻ گهرجي. هن جا زخم چڱيءَ طرح

انهيءَ پاڻي ۾ ڊوڙڻ گهرجن. ساڙو گاهه وڌيڪ بهتر آهي، ٻيهه نه ڏيڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ٻهه جانور جي وات ۾ زخم ءَ تڪليف پهچائيندو.

**انسانن تي اثر:**

هوئن ته انسانن جي صحت تي هن جا ڪي به اثر نه ٿا ٿين، پر ڪجهه اهڙا اطلاع به آهن، جنهن جي مطابق متاثر جانورن جو کير پيئڻ سان منهن جي اندر ڦلوڪڙا پيدا ٿي پوندا آهن ءَ انسان جي مٿي ۾ سور ءَ منفي اثر محسوس ڪري ٿو. پر اهي تمام گهٽ ٿيندو آهي.

